SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX، مجريہ 1973

# SINDH ACT NO.IX OF 1973

# اولهہ پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973

# THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

## CONTENTS فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23 جي تبديلي
3. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23-A جو ختم ڪرڻ
4. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 31 جي تبديلي
5. مقدمن هلائڻ جو طريقو
6. 1973 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي منسوخي

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX، مجريه 1970
# SINDH ACT NO.IX OF 1970
# اولهه پاڪستان خالص خوراڪ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973
# THE WEST PAKISTAN PURE FOOD (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

[28 جون 1973]

ترميم جو ايڪٽ جنهن ذريعي اولهه پاڪستان خالص کاڌو آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪري ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لائق بڻايو ويجي.

تمهيد

جيئن تہ اهو ضروري آهي تہ اولهه پاڪستان خالص کاڌو آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪري ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ بڻايو ويجي.

جنهن ڪري هن طرح جوڙجي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن قانون کي اولهه پاڪستان خالص کاڌو (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ العمل هوندو.

1960 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23 جي تبديلي

2. تبديليءَ هيٺ ايندڙ اولهه پاڪستان خالص کاڌو آرڊيننس، 1960 جي دفعہ 23 لاءِ هيٺيون دفعہ متبادل هوندو.

"23 (i) جيڪو شرطن جي خلاف ورزي ڪندو ان کي سيڪشن 12 يا 21 جي تحت سزا ملندي قيد جي يا ٻئي جيڪا 3 سالن کان وڌي سگهي ٿي يا جرمانو يا ٻئي.

"(ii) جيڪو شرطن جي خلاف ورزي ڪندو دفعہ 7،8،9،10،11 يا 18 سزا ڏني ويندي، قيد جي يا ٻئي قسم جي جيڪا وڌي سگهي ٿي 5 سال يا جرمانو يا ٻئي پر قيد 6 مهينن کان گهٽ نہ هوندو ۽ جرمانو

500 رپين کان گهٽ نہ هوندو.

(iii) جيڪو شرطن جي خلاف ورزي ڪندو دفعہ 3،4،5،6 يا 13 تحت سزا ملندي يا قيد جي يا تہ ٻئي قسم جي جيڪا وڌي سگهي ٿي 7 سال ۽ جرماني سان پر قيد جي ميعاد هڪ سال کان گهٽ نہ هجي ۽ جرمانو هڪ هزار کان گهٽ نہ هجي.

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 23_A جو ختم ڪرڻ

3. دفعہ 23_A خاص آرڊيننس کي نظرانداز سمجهيو ويندو.

مقدمن هلائڻ جو طريقو

4. خاص آرڊيننس جي دفعہ 31 لاءِ هيٺيون شقون تبديل ٿينديون.

"دفعہ 31، هن آرڊيننس جي تحت سڀ ڏوهہ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هلائيندو، ان طريقيڪار مطابق جيڪو چيپٽر XX ۾ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (Act V of 1898) ۾ ڏنل آهي.

بشرطيڪ جيڪڏهن ڪو مقدمو ڪنهن مئجسٽريٽ جي روبرو هجي تہ فيصلو صحيح ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪارروائي جي ڪنهن بہ مرحلي تي اهو سمجهي تہ هي اهو ڪيس آهي، جنهن ۾ ملزم کي سخت سزا ملندي تہ ان ڪانپوءِ اهو مئجسٽريٽ سزا ڏيڻ جو اختيار رکي ٿو يا ملزم کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (Act V of 1898) جي تحت ڪورٽ آف سيشن جي سپرد ڪندو."

1973 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي منسوخي

5. اوپر پاڪستان خالص ڪاڏو (سنڌ ترميمي) آرڊيننس 1973 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**